روزاني
ايڈيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اڱارو 05 سيپٽمبر 2023ع بمطابق 18 صفر 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 100

بجلي بلن ۾ رليف نه مليو، آءِ ايم ايف طرفان نگران حڪومت جو پلان رد

بجلي جي بلن ۾ رليف سان ساڍا 6 ارب رپين کان گهٽ جو اثر پوندو، آءِ ايم ايف پلان رد ڪندي 15 ارب رپين کان وڌيڪ جو اثر ٻڌايو : ناٽي واري وزارت

آءِ ايم ايف 15 اربن جي مالياتي گنجائش پوري ڪرڻ جو پلان به گهري ورتو آهي : ذريعا

آءِ ايم ايف سان ٻيهر پلان شيئر ڪرڻو آهي، جنهن سبب دير ٿي رهي آهي

نئون پلان شيئر ٿيڻ تي آءِ ايم ايف اختياربون ۽ ناٽي واري وزارت ٻيهر ڳالهيون ڪندیون

بجلي بلن ۾ رليف ڏيڻ لاءِ بجيٽ مان آئوٽ نه ٿيڻ جي آءِ ايم ايف کي خاطري ڪرائي وئي آهي

بلن جي قسطن ۾ وصولي جي پلان تي آءِ ايم ايف سان ٻيهر ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي

اسلام آباد (م ڊ) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) نگران حڪومت جو بجلي بلن ۾ رليف جو پلان رد ڪري چڏيو، آءِ ايم ايف پلان رد ڪندي 15 ارب رپين کان وڌيڪ جو اثر ٻڌايو ويو ته بجلي جي بلن ۾ رليف سان ساڍا 6 ارب رپين کان گهٽ جو اثر پوندو، آءِ ايم ايف پلان رد ڪندي 15 اربن جي مالياتي گنجائش پوري ڪرڻ جو پلان به گهري ورتو آهي ته ذريعن موجب آءِ ايم ايف سان ٻيهر ڳالهيون ڪندیون شيئر ٿيڻ تي نئون پلان اختيار ڪيو ويندو، جنهن سبب دير ٿي رهي آهي

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 01

نگران وزيراعظم پاران معيشت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ هنگامي قدم کڻڻ جي هدايت

انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ توانائي معاملن بابت اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ نگران ناٽي واري وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر، نگران توانائي واري وزير محمد علي ۽ توانائي واري وزارت جي عملدارن شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ لاڳاپيل اختيارين پاران بجلي جي بلن سميت ريٽائرڊ قرضن جي معاملن تي بريفنگ ڏني وئي ۽ بجلي چوري کي روڪڻ لاءِ قدمن بابت به ٻڌايو ويو : ذريعا

اجلاس ۾ وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ هدايت ڪئي ته بجلي چوري روڪڻ لاءِ موثر قدم کنيا وڃن

اجلاس ۾ وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ کي خساري ۾ ٽيندڙ ڊسڪوز تي به بريفنگ ڏني وئي ، ملکي معيشت جي استحڪام لاءِ هنگامي قدم کنيا وڃن : نگران وزيراعظم

توانائي جي بچت لاءِ ڪجهه ڏينهن ۾ عملي قدم نظر ايندا، اسان پرامن ۽ خوشحال افغانستان ڏسڻ چاهيون ٿا، سپريم ڪورٽ جيڪو به فيصلو ڪندي قبول ڪنداسين

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ملکي معيشت جي استحڪام لاءِ هنگامي قدم کڻڻ جي هدايت ڪري چڏي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ توانائي معاملن بابت اجلاس ٿيو جنهن ۾ نگران ناٽي واري وزير محمد علي ۽ توانائي واري وزارت جي عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ لاڳاپيل اختيارين پاران بجلي جي بلن سميت ريٽائرڈ قرضن جي معاملن تي بريفنگ ڏني وئي ۽ بجلي چوري کي روڪڻ لاءِ قدمن بابت به ٻڌايو ويو : ذريعا اجلاس ۾ وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ هدايت ڪئي ته بجلي چوري روڪڻ لاءِ موثر قدم کنيا وڃن اجلاس ۾ وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ کي خساري ۾ ٽيندڙ ڊسڪوز تي به بريفنگ ڏني وئي ، ملکي معيشت جي استحڪام لاءِ هنگامي قدم کنيا وڃن : نگران وزيراعظم توانائي جي بچت لاءِ ڪجهه ڏينهن ۾ عملي قدم نظر ايندا، اسان پرامن ۽ خوشحال افغانستان ڏسڻ چاهيون ٿا، سپريم ڪورٽ جيڪو به فيصلو ڪندي قبول ڪنداسين

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان نگران وفاقي وزير احمد عرفان اسلم ملاقات ڪري رهيو آهي

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ جي بيورو ڪريسي ۾ ردوبدل، لسٽون اليڪشن ڪميشن حوالي

چيف سيڪريٽري پاران حتمي منظوري لاءِ لسٽ اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻي وئي

اليڪشن ڪميشن پاران منظوري ملڻ بعد وڏي پيماني تي مقررين ۽ بدلين جا امڪان

الطاف سارين، سعيد لغاري، الطاف شيخ، احمد علي صديقي ۽ فهد غفار سومرو کي ڪراچي ۾ ڊپٽي ڪمشنر لڳائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي بيورو ڪريسي ۾ وڏي پيماني تي مقررين ۽ بدلين لاءِ تيار ڪيل لسٽون اليڪشن ڪميشن حوالي ڪيون ويون آهن چيف اليڪشن ڪميشن پاران منظوري ملڻ بعد آج ئي وڏي پيماني تي مقررين ۽ بدلين جا امڪان آهن آغا واصف کي ناٽي جو سيڪريٽري ۽ حسن نقوي کي ڪراچي جو ڊپٽي ڪمشنر لڳائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير جمال شاهه جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

پهرين ڀيرو ڪنهن جج پوليس کي چيو ڪهڙي اپ، اهو ڪريشن تي تاريخي رليف آهي: عطاءالله تارڙ

پرويز الاهي جا وڪيل اها دعويٰ ڪري رهيا آهن ته هو پوليس آفيسرن کي سزائون ڏياري رهندا

ڪورٽ نوٽيس ڪندي جنهن کان پوءِ پوليس آفيسرن کي توهين عدالت جون سزائون ٻڌايون ويندیون

اربين روپين جي ڪرپشن ڪندڙ ان شخص هميشه وڏيون ڳالهيون ڪيون ته مان عدالتن کي سنيالي وٺندس

اسلام آباد (م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ عطاءالله تارڙ چيو آهي ته پرويز الاهي جا وڪيل اها دعويٰ ڪري رهيا آهن ته هو پوليس آفيسرن کي سزائون ڏياري رهندا. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ عطاءالله تارڙ چيو ته وڪيل دعويٰ

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ن ليگ اڳواڻ عطاءالله تارڙ ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ پرويز الاهي

پرويز الاهي جي طبيعت اوچتو خراب، اٽڪ جيل کان اسپتال روانو

تحريڪ انصاف جي صدر چوڌري پرويز الاهي جي اوچتو طبيعت خراب ٿي وئي

ڪيس ڊسٽرڪٽ جيل اٽڪ کان اسپتال جي لاءِ روانو ڪيو ويو

راولپنڈي (م ڊ) پرويز الاهي جي طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي آهي جنهن سبب ڪيس فوري طور تي اٽڪ جيل کان اسپتال روانو ڪيو ويو آهي. جيل ذريعن موجب پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي صدر چوڌري پرويز الاهي جي طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي آهي جنهن سبب ڪيس فوري طور تي اٽڪ جيل کان اسپتال روانو ڪيو ويو

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ جي نگران گهرو وزير جو اسٽريٽ ڪرائمز تي انو ڪو منطق

شهري پنهنجي موبائل فون کيسي ۾ رکن ته جيئن کو به نقصان نه ٿئي : نگران گهرو وزير

اسٽريٽ ڪرائمز جي خاتمي لاءِ گڏيل طور قدم کڻي رهيا آهيون، معاشري مان منشيات جو به خاتمو ڪنداسين

گلشن حديد واقعي جي جاچ ڪرائينداسين، ڪو سياسي دٻاءُ قبول نه ڪنداسين ۽ ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائمز ۽ موبائل ڪسن وڌندڙ واردتن تي سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار جو سخت نوٽيس ورتو آهي. ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائمز ۽ موبائل ڪسن وڌندڙ واردتن تي سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار جو سخت نوٽيس ورتو آهي. گهرو وزير حارث نواز آنو ڪو منطق پيش ڪري چڏيو. نگران گهرو وزير شهرين کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجي موبائل فون کيسي ۾ رکن ته جيئن کو به نقصان نه ٿئي : نگران گهرو وزير

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 15

دهشتگردن جي مالي مدد جو الزام : علي وزير 3 ڏينهن لاءِ پوليس حوالي

دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ ڊيوٽي جج راجا جواد عباس دهشتگردن جي مالي مدد جي الزام هيٺ پي ٽي ايم اڳواڻ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

علي وزير جو پهرين ريمانڊ آهي. دهشتگردن جي مالي مدد ڪئي وئي. ان بابت جاچ ڪرڻي آهي : پراسيڪيوٽر

پراسيڪيوٽر طرفان عدالت ۾ علي وزير خلاف داخل ايف آءِ آر جو متن پڙهيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) دهشتگردن جي مالي مدد جي الزام هيٺ پي ٽي آءِ اڳواڻ علي وزير کي 3 ڏينهن لاءِ پوليس جي حوالي ڪيو ويو آهي. دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ ڊيوٽي جج راجا جواد عباس دهشتگردن جي مالي مدد جي الزام

سکر: اروڙ يونيورسٽي آف ارٽ ۽ سکر چيمبرز آف ڪامرس وچ ۾ معاهدي جي حوالي سان ٽيبل تقريب جو ڏيک

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ايڇ آر سي پي اليڪشن ڪميشن کان چوندڙ شيڊول جاري ڪرڻ جو مطالبو ڪري چڏيو

چوندن جي حوالي سان غير يقيني واري صورتحال ختم ٿيڻ گهرجي : ايڇ آر سي پي

تڪ بندين کي عام چوندون ملتوي ڪرڻ جي لاءِ بهاني جي طور تي استعمال نه ڪيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان(ايڇ آر سي پي) اليڪشن ڪميشن جي ان فيصلي تي سخت تنقيد ڪئي آهي جنهن ۾ ڪميشن چوندن جي حوالي سان غير يقيني واري صورتحال ختم ٿيڻ تائين ملڪ ۾ چوندن جي ملتوي ڪرڻ جو مطالبو ڪري چڏيو آهي. ايڇ آر سي پي طرفان ڇپيو ويو آهي

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ايمان مزاري کي گرفتار ڪرڻ کان اڳ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي آگاھ ڪرڻ لازمي قرار

ايمان مزاري جي ڪيسن جا تفصيل ڊيٽا ۽ حفاظتي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب حڪم جاري ڪندي درخواست آڪلائي چڏي

ڪنهن به ڪيس ۾ آءِ آر ۾ گرفتاري کان اڳ عدالت کي آگاھ ڪيو وڃي : هاءِ ڪورٽ جي هدايت

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عدالت کي آگاھ ڪرڻ کان سواءِ ايمان مزاري کي ڪنهن به ڪيس ۾ گرفتار ڪرڻ کان روڪي چڏيو آهي.

اسلام آباد: ايمان مزاري فتح جو نشان ڏيکاريندي

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 26

استاڪ ايڪسچينج ۾ مثبت رجحان، 407 پوائنٽن جي واڌ

ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات کان وٺي مثبت رجحان ڏيکاري رهيو آهي

ڪاروباري هفتي جي آخر ۾ 100 انڊيڪس 45,312 پوائنٽس تي بند ٿيو

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) پاڪستان استاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات کان وٺي مثبت رجحان ڏيکاري رهيو آهي. مثبت رجحان سبب پاڪستان استاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 407 پوائنٽن جي واڌ سان 45 هزار 732 تي

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 27

گلشن حديد: پرنسپال جي نازيبا حرڪتن جي وڊيوز جو معاملو، جاچ ڪميٽي قائم

سنڌ جي تعليم واري وزير رعنا حسين معاملي جو نوٽيس وٺندي انڪوائري جون هدايتون جاري ڪيون

صوبائي وزير جي هدايت تي ڊائريڪٽوريٽ آف پرائيويٽ انسٽيٽيوشن واقعي جي انڪوائري لاءِ 4 رڪني ڪميٽي جوڙي چڏي آهي : رفيع ملاح

ڪراچي (م ڊ) گلشن حديد جي نجي اسڪول ۾ پرنسپال جي نازيبا حرڪتن جون وڊيوز سامهون آيڻ جي بعد صوبائي وزير تعليم رعنا حسين معاملي جو نوٽيس وٺندي انڪوائري جون هدايتون جاري ڪيون آهن. سنڌ جي تعليم واري وزير رعنا حسين معاملي جو نوٽيس وٺندي انڪوائري جون هدايتون جاري ڪيون

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 31

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان شمشاد اختر جي ملاقات، معاشي صورتحال تي ڳالهيون

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان نگران ناٽي واري وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر ملاقات ڪئي

ملاقات دوران ڊاڪٽر شمشاد اختر وزيراعظم کي ملڪ جي موجوده معاشي صورتحال تي بريفنگ ڏني

نگران وزيراعظم ملڪي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ موثر حڪمت عملي جوڙڻ جي هدايت ڪئي

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان نگران ناٽي واري وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر ملاقات ڪري رهي آهي

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان نگران ناٽي واري وزير ڊاڪٽر شمشاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف 15 آڪٽوبر تي ملڪ واپسي جو فيصلو

لنڊن (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم ميان نواز شريف 15 آڪٽوبر تي لنڊن کان ملڪ واپسي جي لاءِ روانو ٿيندو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڊبل سينچري مڪمل ڪرڻ کان پوءِ به ڪنڊ قيمت ۾ واڌ جو سلسلو جاري، وڌيڪ مهانگي

چئن ڏينهن دوران ڪنڊ جي قيمت 40 رپيا وڌي چڪي آهي، جڏهن ته چمن ۾ في ڪلو ڪنڊ 230 رپين ۾ وڪرو

ڪراچي ۾ به في ڪلو ڪنڊ جي قيمت 200 جڏهن ته لاهور جي اوپن مارڪيٽ ۾ ڪنڊ 176 رپيا في ڪلو ۾ وڪرو ٿيڻ لڳي

سرگوڌا ۾ ٽن ڏينهن دوران ڪنڊ جي قيمت ۾ في ڪلو 35 رپيا واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

ڪراچي (م ڊ) ملڪ جي ڪيئي شهرن ۾ ڊبل سينچري ڪانپوءِ به ڪنڊ جي آڇن ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي. ڊيلرز ڊينهن ڪوئيٽا ۾ في ڪلو ڪنڊ 15 رپيا وڌيا. اج وري 15 رپيا واڌيا

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 07

مڙس کان پوءِ هاڻ مون کي به سياسي انتقام جو نشانو بنايو پيو وڃي: بشريٰ بي بي

نيب، ايف آءِ اي، پنجاب پوليس سميت ٻين ادارن بي بنياد ۽ قانون جي خلاف ڪيس داخل ڪري رکيا آهن

جون 2022 کان اڳ منهنجي خلاف ڪو ڪيس يا انڪوائري ٻڌڻي هيٺ نه آهي

مون کي جون 2022 کان وٺي هينئر تائين داخل ڪجهن ڪيسن، انڪوائري، انويسٽيگيشن جا تفصيل ڏنا وڃن

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي بي امڪاتي گرفتاري خلاف لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري چڏي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سعودي شهزادو جلوي بن عبدالله بن عبدالعزيز لاڏاٽو ڪري ويو

رياض (م ڊ) سعودي شهزادو جلوي بن عبدالله بن عبدالعزيز لاڏاٽو ڪري ويو. پرڏيهي خبرو اداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان آبر ڪيو ايئر اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال ملاقات ڪندي

گوادر ۾ پاڪ بحريه جو هيليڪاپٽر ڪري تباهه، 2 آفيسرن هڪ جوان شهيد

هيليڪاپٽر اڏام دوران فني خرابي سبب حادثي جو شڪار ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ پاڪ بحريه جا 3 آفيسرن هڪ جوان شهيد ٿي ويا آهن : ترجمان پاڪ بحريه

حادثي جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي

ڪراچي (م ڊ) گوادر ۾ پاڪ بحريه جو هيليڪاپٽر تربيتي اڏام دوران حادثي جو شڪار ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ پاڪ بحريه جا 3 آفيسرن هڪ جوان شهيد ٿي ويا. ترجمان مرڪز هيليڪاپٽر اڏام دوران فني خرابي سبب حادثي جو شڪار ٿيو آهي. جاچ جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نگران صحت واري وزير سان سنڌ بلڊ ٽرانسفيوشن اٿارٽي جي سيڪريٽري درناز جمال جي ملاقات

ڊاڪٽر سعد خالد نياز کي سنڌ بلڊ ٽرانسفيوشن اٿارٽي جي اپائن، مشڪلاتن، ڪمرجي طريقن تي تفصيلي بريفنگ

سمورن اسٽيڪ هولڊرز جو اجلاس گهرائي مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن کي حل ڪيو وڃي: ڊاڪٽر سعد خالد

ٻئي مرحلي ۾ جناح اسپتال، سول اسپتال ۽ اوجها جي بلڊ سينٽرن جي اپ گريڊيشن شامل آهي: سيڪريٽري صحت کي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سيڪريٽري سنڌ بلڊ ٽرانسفيوشن اٿارٽي درناز جمال نگران وزير صحت، پبلڪ ڪينيڊا ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪن پاڻ ۾ وڙهي پيا، لٽن ۽ مُڪن جو وسڪارو

ڪراچي (م ڊ) ڪينيڊا جي شهر مسي ساگا ۾ تحريڪ انصاف جا ڪارڪن پاڻ ۾ وڙهي پيا. سوشل ميڊيا تي سامهون ايندڙ وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته مقامي پي ٽي آءِ عهديدارن هڪٻئي کي گڇي مان جهلي ورتو. تحريڪ انصاف ڪارڪنن هڪٻئي کي گاريون ڏنيون، گڏوگڏ لٽن ۽ مڪن جو به وسڪارو لاڳي ڏنو. جهيڙو

تفصيل لاءِ پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سان سنڌ بلڊ ٽرانسفيوشن اٿارٽي جي سيڪريٽري درناز جمال جي ملاقات ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سيڪريٽري سنڌ بلڊ ٽرانسفيوشن اٿارٽي درناز جمال نگران وزير صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ اينڊ سوشل ويلفيئر سنڌ ڊاڪٽر سعد خالد نياز سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي سيڪريٽري صحت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

آغا سراج درراني جي اثاثا ڪيس ۾ ضمانت منظور

ڪراچي جي احتساب عدالت سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج درراني جي ضمانت بابت درخواست تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي چڏيو

آغا سراج هڪ سال کان جڊيشل رمانڊ تي نظربند آهي، نيب پاران ڪيس کي جاڻي واڻي اينگهايو پيو وڃي : وڪيل

احتساب عدالت 10 لک روپين جي مچلڪن عيوض آغا سراج جي ضمانت منظور ڪري ورتي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج درراني جي آمدني کان وڌيڪ اثاثن واري ڪيس ۾ ضمانت منظور ڪئي وئي آهي ڪراچي جي احتساب عدالت سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج درراني جي ضمانت بابت درخواست تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي چڏيو. آغا سراج هڪ سال کان جڊيشل رمانڊ تي نظربند آهي، نيب پاران ڪيس کي جاڻي واڻي اينگهايو پيو وڃي : وڪيل دليل ڏيندي چيو هو ته آغا سراج هڪ سال کان جڊيشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ايس بي سي ايس ۾ جيڪو اڳ ٽيو سو هاڻي نه ٽيڻ گهرجي: مبين جماڻي

سجي صوبي ۾ رهائشي پلاٽ چاهي اهي 60 گز هجن يا هڪ هزار گز، نقشن جي منظوري سميت ون ونڊو هيٺ عوام لاءِ آساني پيدا ڪئي وڃي

منهنجي خواهش آهي ته توهان هن شهر جي ماڻهن لاءِ ڪجهه ڪريو، شهر ۾ غير قانوني اڏاوتن کي فوري طور بند ڪيو وڃي

ايس بي سي اي جي آفيسرن جي تعارفي اجلاس دوران نگران صوبائي وزير ڪائٽن ايس بي سي اي جي وجيلنس ٽيم جي ڪم بابت پڇاڻو ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن واري نگران صوبائي وزير محمد مبين جماڻي چيو آهي ته سجي صوبي ۾ رهائشي پلاٽ چاهي اهي 60 گز هجن يا هڪ هزار گز، نقشن جي منظوري سميت ون ونڊو هيٺ عوام لاءِ آساني پيدا ڪئي وڃي. ايس بي سي ايس ۾ جيڪو ڪالهه تائين ٽيم جي ڪم بابت پڇاڻو ڪيو ويو. هاڻي نه ٽيڻ گهرجي. شهر ۾ غير قانوني اڏاوتن کي فوري طور بند ڪيو وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: مڪاني ادارن واري نگران صوبائي وزير محمد مبين جماڻي آفيسرن جي تعارفي اجلاس جي صدارت ڪندي

رٽائرڈ استاد جو پ پ ضلعي ڪائونسل جي ميمبر سميت 6 ڄڻن خلاف قتل ڪيس داخل

ڪراچي (م ڊ) ڪريم بخش ڪوسو ريجهو مارجي ويل رٽائرڊ استاد جو پيپلزپارٽي جي ضلعي ڪائونسل جي ميمبر سميت 6 ڄڻن خلاف قتل ڪيس داخل ڪيو ويو آهيگذريل ڏينهن ڳوٺ ساڙو بروهي لڳ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري رٽائرڊ استاد نظر محمد بروهي کي قتل ڪيو هو.مقتول جي پٽ اسدالله /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

حجاب جو ڏينهن: ڪراچي ۾ عورتن جو مارچ

حجاب اسان جي تهذيب جو حصو آهي ۽ حجاب ۾ ئي معاشري جو تحفظ آهي : مظاهرين

حجاب جو ڏاڙو ملهائڻ جو مقصد عورتن جي پردو ڪرڻ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جي سنڌ يوم حجاب ملهائڻ لاءِ ڪراچي پريس ڪلب آڏو عورتن مارچ ڪيو آهي.مارچ ۾ حجاب پهريل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: جماعت اسلامي جون عورتون حجاب مارچ ۾ شريڪ آهن

ڊاڪٽر عاصر حسين خلاف ريفرنس نيب چيئرمين ڏانهن اماڻڻ جو حڪم

جسٽس ڪي ڪي آغا جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ ڊاڪٽر عاصر جي درخواست منظور ڪندي فيصلو ٻڌايو

ڊاڪٽر عاصر ۽ ٻين پاران احتساب عدالت جي اختيارن کي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو هو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊاڪٽر عاصر حسين خلاف گئس ڪمپني ۾ 17 ارب روپين جي ڪرپشن وارو ريفرنس واپس نيب چيئرمين ڏانهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسان جو احتجاج جاري رهندو: حافظ نعيم الرحمان

احتجاج ۾ هر طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهو شرڪت ڪندا

ڪجهه ماڻهن 2 سيپٽمبر واري هڙتال کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي

اميرجماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان

ڪراچي (استاف رپورٽر) اميرجماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان ڇيو آهي ته اسان جو احتجاج جاري رهندو. احتجاج ۾ هر طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهو شرڪت ڪندا. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڊس چوڻ هو ته گذريل ڏينهن مڪمل شٽر ڊائون هڙتال هئي. بجلي جي بلن ۾ واڌ تي عوام پنهنجو رد عمل ظاهر ڪيو. حافظ نعيم الرحمان ڇيو آهي ته عوام وڏي تحريڪ شروع ڪئي آهي. ڪجهه ماڻهن 2 سيپٽمبر واري هڙتال کي روڪڻ جي ڪوشش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ورلڊ بئنڪ جي وفد جو واٽر ڪارپوريشن جو دورو

وفد انجنيئر سيد صلاح الدين احمد سان واٽر ڪارپوريشن جي مرڪزي آفيس ۾ تفصيلي ملاقات ڪئي

شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي

ڪراچي(رپورٽر) ورلڊ بئنڪ جي وفد ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر انجنيئر سيد صلاح الدين احمد سان واٽر ڪارپوريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

بجلي بند ٿيڻ سبب پاڻي فراهمي جي لائين متاثر

بجلي جي اوچتي بريڪ ڊائون سبب 72 انچ قطر جي ايئر ايس جي لائين نمبر پنج متاثر ٿي وئي

اطلاع ملڻ تي واٽر ڪارپوريشن جا عملدار فوري طور موقعي تي پهچي ڪري متاثر لائين جو معائنو ڪيو

ڪراچي(رپورٽر) ڊاهيجي پمپنگ اسٽيشن تي ڪي اليڪٽرڪ پاڻ بجلي جي اوچتي بريڪ ڊائون سبب 72 انچ قطر جي ايئر ايس جي لائين نمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪوئيٽا: ٽرڪ تي فائرنگ، ڊرائيور مارجي ويو

فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان جو لاش سول اسپتال پهچايو ويو

ٽرڪ روڪڻ بدران اسمگلرن ڪسٽم موبائل ٽيم تي فائرنگ ڪري ڏني : پوليس

ڪوئيٽا (م ڊ) ڪوئيٽا جي امداد چوڪ وٽ ٽرڪ تي فائرنگ ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڊرائيور مارجي ويو. ڪوئيٽا پوليس موجب امداد چوڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ٽئي ۾ وڪيل برادري پاران مهانگائي خلاف عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ، احتجاج

سيشن ڪورٽ جي مين گيٽ تائين ريلي پڻ ڪڍي وئي ۽ مهانگائي خلاف نعري بازي پڻ ڪئي وئي

مهانگائي مزدورن جي چيلهه چپي ڪري ڇڏي آهي، غريبن کان زندهه رهڻ جو حق ڦريو پيو وڃي : مظاهرين

مڊل ڪلاس جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي، روز جي بنيادن تي ڪم ڪندڙ ماڻهن جا گهراڄڻ ويا آهن

ٽئو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٽئو پاران سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ هر روز وڌندڙ مهانگائي خلاف عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو جڏهن ته سيشن ڪورٽ ٽئو جي مين گيٽ تائين ريلي پڻ ڪڍي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز : وڪيل اڄوڻ مهانگائي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر: مسلم اسٽوڊنٽس فيڈريشن ضلعي جوانتخابي اجلاس

اجلاس ۾ ايم ايس ايف سنڌ جي صدر عامر علي پٽو مهمان خاص طور شرڪت ڪئي

اجلاس دوران ايم ايس ايف ضلعي سکر جي نيئن ٻاڍي چونڊي ٿئي، ارباز علي عباسي صدر مقرر

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر: مسلم اسٽوڊنٽس فيڈريشن ضلعي جوانتخابي اجلاس پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي سکر جي صدر فقير عنايت الله هڙڙو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر : نوڻ چونڊيل عهديدارن جو ورتل گروپ فوٽو

ڪراچي ۾ فيڪٽري اندر بوائلر ڦاٽڻ سبب ڪيترن ڪي گهر ڪي نقصان

بوائلر ڦاٽڻ سبب ڇهتير ۽ ٻيا لوهه جا اوزار ماڻهن جي گهرن مٿان ڪريا

لاڳاپيل ادارا نوٽيس وٺن ۽ اسانکي جاني مالي تحفظ فراهم ڪن : رهواسي

ڪراچي (رپورٽر) رهائشي علاقي ۾ فيڪٽري اندر بوائلر ڦاٽڻ سبب ڪيترن ڪي گهر ڪي نقصان. بوائلر ڦاٽڻ سبب ڇهتير ۽ ٻيا لوهه جا اوزار ماڻهن جي گهرن مٿان ڪريا. تفصيل موجب نئين ڪراچي جي خميسا گوٺ ۾ ٻيليج جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

اوٻاوڙو ۾ سنڌ بار ڪائونسل جي مرڪزي سڏ تي احتجاج

وڪيل برادري ايڊووڪيٽ ساجد علي دايو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

حڪومت هر شيءِ مهانگي ڪري عوام جو جيئڻ مشڪل ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

اوٻاوڙو (رپورٽ: غلام علي رند) هوري سنڌ جيان اوٻاوڙو ۾ به سنڌ بار ڪائونسل جي مرڪزي سڏ تي اوٻاوڙو بار ڪائونسل جا وڪيل به ملڪ ۾ وڏندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر شهر جي صفائي لاءِ انتظاميه متحرڪ ٿي وئي

صفائي مهم شروع ڪري روزاني جي بنياد تي ڪم ڪي يقيني بڻائڻ جون هدايتون

روزاني جي بنياد تي زبردست صفائي آپريشن شروع ڪيو ويو آهي : رمضان عباسي

سکر (رپورٽ : امداد عليڪل ڪلوڙ) سکر شهر جي صفائي لاءِ انتظاميه متحرڪ ٿي وئي. تفصيل موجب ميونسپل ڪارپوريشن سکر شهر ۾ صفائي لاءِ متحرڪ ٿي وئي آهي. ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ. ڊپٽي ميئر ارشد مغل سان گڏ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نئون ديرو پريس ڪلب جي ماهوار انتظامي ڪاميٽي جو اجلاس

سٽيزن ڪلب جي بهتر نمومي هلاڻ لاءِ انتظامي ڪاميٽي پنهنجا رايا ڏنا ويا

سٽيزن ڪلب جي انتظامي ڪاميٽي جي لاءِ ڊنر جو بندوبست ڪيو ويو

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺ) شهيد راڻي محترمه بينظير پٽو سٽيزن ڪلب نئون ديرو جي ماهوار انتظامي ڪاميٽي جو اجلاس. انتظامي ڪاميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نئون ديرو : ماهوار اجلاس دوران اڳواڻ ميڊيا سان گالهائي رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ سول اسپتال ۾ فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

مفت هيپاٽائيٽس بي ۽ سي مليريا ۽ ايڊز جون ٽيسٽون ڪيون ويون

مختلف علاقن ۾ مفت ڪئمپن لڳائڻ جي اهم ضرورت آهي : اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز سول اسپتال ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهروفيروز ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو پاران فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائيٽس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪوٽڙي ڪبير ۾ وڌندڙ مهانگائي واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو

عبدالرزاق لاشاري، عطا حسين سهتو، سيد ذيشان عباس، ديدار عباس، ظفر سومرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهانگائي سبب عوام سخت مشڪلاتن جو شڪار ٿي ويو آهي : مظاهرين

خانواهڙ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڙ پرسان ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين پاران ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن جي اڳواڻي عبدالرزاق لاشاري، عطا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

خانواهڙ : وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪي شاهه صدر پرسان جتوئي برادري جا چار ڄڻا ڪنڀي گم ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪوٽ بچا ۾ زرعي زمين تي سبسٽا نبضي ۽ نوجوانن جي گرفتاري خلاف جتوئي برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

نسيم جتوئي علي، محمد جتوئي سميت چئن نوجوانن کي ٽيڪاڻ پوليس ڪنيي گم ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

ٻاڦر گلزار جتوئي ۽ مزار جتوئي جي چرچ تي پوليس سندن خلاف رڙ پاري ڏني آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

مانجهند (رپورٽر) لکي شاهه صدر پرسان زمين جي تڪرار تان جتوئي برادري جا چار ڄڻا ڪنيي بدين جي ورڪس ۽ سروسسز ڪاتي ۽ ڊسٽرڪٽ هاءِ ويز ڪاتي ۽ بلڊنگس ڪانٽ ۾ درخواست داخل بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي شهري مشتاق ميمڻ ايتي ڪريشن ڪورٽ حيدرآباد سرڪل ۾ درخواست داخل ڪري بدين جي ورڪس ۽ سروسسز ڪاتي ۽ ڊسٽرڪٽ هائي ويز ڪاتي ۽ بلڊنگس ڪانٽ ۾ هڪ ارب روپين کان وڌيڪ ڪريشن جي نشاندهي ڪرڻ ٿي ايس اي ورڪس اينڊ سروسز هائي ويز ڪاتي بدين جي انجنيئر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

گهر ڪرڻ خلاف عورتن جو آندس هاءِ وي ٽي ڊرٽس جسٽر چڙمين تفصيل ورتا تفصيل موجب لکي شاهه صدر ڪيهاڻ ٽائي حد ۾ گوٺ بچا ۾ زرعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

مانجهند : جتوئي برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ ۾ ڊاڙيل ڪلچر پيرن سردارن ۽ جاگيردارن جي پيداوار آهي : ايڊووڪيٽ جي اين ڪوسو

پ پ پنهنجي دور ۾ هٽ وٽي سردارن پيرن ۽ جاگيردارن معرفت ڊاڙيل پاليا جن سنڌي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

جلد جوهي ڪاڇي جي ٽنل روڊن رستن پيئڻ جي پاڻي زرعي پاڻي ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ جدوجهد شروع ڪئي ويندي

دادو (ن سنڌيار) سنڌ ۾ ڊاڙيل ڪلچر، پيرن سردارن ۽ جاگيردارن جي پيداوار آهي پوليس ٽاڻا پاٽارين آهن پ پ پ پنهنجي دور ۾ هٽ وٽي سردارن پيرن ۽ جاگيردارن معرفت ڊاڙيل پاليا جن سنڌي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن سنڌ مان سردارين ۽ جاگيرداري نظام ختم ڪجي ته ڊاڙيل پاڻمرادو ختم ٿي ويندا اهڙو اظهار عوامي پورهيت تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سانگهڙ واسڻ هندو ناري مڙس جي ظلمن کان تنگ ٿي ٻارن سميت مذهب مٽائي پرٽو ڪري ڇڏيو

آڻون پنهنجي اڳوڻي مڙس عامر پيل ۽ سهرو پنهو پيل جي ظلمن کان تنگ ٿي ڪلوپري مسلمان ٿي آهيان : ناري

سجاول جي عدالت سڳوري ۾ متياري واسي نوجوان سائين بخش انڙ سان شعريت محمدي موجب نڪاح ڪري پرٽو آهي

هاڻي منهنجو اڳوڻو مڙس، سهرو ۽ منهنجا مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن، جان جو خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سانگهڙ ضلع جي رهواسڻ هندو ناري چار ٻارن جي ماءُ پيءُ ڏي جهانڊاس پيل جيڪو ته آڻون پنهنجي اڳوڻي مڙس عامر پيل جي ڪري ڇڏيو. سانگهڙ ضلع جي رهواسڻ هندو ناري چار ٻارن جي ماءُ پيءُ ڏي جهانڊاس پيل جيڪو ته آڻون پنهنجي اڳوڻي مڙس عامر پيل مذهب مٽائي پرٽو ڪري پرٽو آهي. جنهن جي سجاول : ناري مڙس سميت تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهي آهي

بدين ۾ هارين جي حقن جو سروڙ صوفي شاهه عنايت شهيد ادبي ڪانفرنس

سنڌ جو سوشلسٽ باغي ۽ صوفي بزرگ شاهه عنايت شهيد مرد قلندر هو : اڳواڻ

سنڌ موجوده دور ۾ سخت تڪليف ۾ آهي، ماڻهن جو وڏو تعداد عذاب ۾ آهي

شاهه عنايت جي نظريي تي هلڻو آهي ته پوءِ ميرن پيرن خلاف جنگ ڪريو، ڏڙ سسيءَ کان ڊاڙ ٿي وڃي پر ڏرتي جو ٽڪرو ناهي ڏيڻو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) گولاڙچي ۾ جو ڪيڙي سو ڪائي جي انقلابي نعري جي بانيڪار، هارين جي حقن جو سروڙ صوفي شاهه عنايت شهيد ادبي ڪانفرنس تفصيل موجب گولاڙچي ۾ شهيد محمد حنيف زئي هال ۾ صوفي شهيد شاهه عنايت ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. آڇيائي تقرير صوفي فيض محمد لاڳاهه ڪئي. ادبي ڪانفرنس ۾ زاهد عباس لاڳاهه. قومپرست اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز ۾ هندو برادري جي ماڻهن جي بازيابي ۽ يڪجهتي لاءِ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

هندو برادري جي ماڻهن جي بازيابي ۽ يڪجهتي لاءِ سول سوسائٽي پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

بخشاپور مان مُکي جڳديش ڪمار پرڀا ڪماري سميت ڪافي ٻار معصوم نياڻيون ۽ مرد پٽسن لاءِ اغوا ڪيا ويا آهن : مظاهرين

سپ مغوي بازياب ڪرايا وڃن ڏاڙيلن ۽ لوفرن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي ۽ عبرتناڪ سزا ڏني وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڪشمور، بخشاپور، سنگرار ۽ ٻين شهرن مان اغوا ڪيل هندو برادري جي ماڻهن جي بازيابي ۽ يڪجهتي لاءِ سول سوسائٽي نوشهرو فيروز پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن جي اڳواڻي نوشهرو فيروز پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ مريضن کي مفت دوائون ۽ مفت

نوشهروفيروز : هندو برادري جي اغوا خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ۾ سياسي سماجي شخصيت ڪامريڊ عبدالحسين پنهور جي سالگرهه ملهائي وئي

حيدرآباد (رپورٽ) سياسي سماجي شخصيت ڪامريڊ عبدالحسين پنهور جي سالگرهه ملهائي وئي. حيدرآباد جي هرسوڻ شهر ۾ سياسي سماجي شخصيت ڪامريڊ عبدالحسين پنهور جي سالگراه جي تقريب منعقد ڪئي وئي ناماڻيري سياسي سماجي اڳواڻ سائين امين وڪو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو پوليس جي ڪارروائي، چيڪنگ دوران ٽن سوزوڪي پڪ اپ مان منشيات هٿ

هڪ سئو ڪان مٿي منشيات ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيريل سوپاري هٿ ڪري ٻنهي سوزوڪي پڪ اپ کي تحويل ۾ ورتو

ڪارروائي دوران پڪڑيل منشيات ۽ ٽن جوابدارن کي گاڏين سميت پاڪستان ڪوسٽ گارڊ گهارو ڪمپني جي سي او حوالي ڪيو ويو

ٽئو (جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان ڪوسٽ گارڊ غلام الله چيڪ پوسٽ جي عملدار عملي انچارج وحيد شر چيڪنگ دوران ٽن سوزوڪي پڪ اپ کي روڪي هڪ سئو ڪان مٿي منشيات ۽ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري پڪڑيل منشيات ۽ گرفتار جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي : انچارج چيڪ پوسٽ غلام الله جي انچارج وحيد شر ۽ ٽن جڻن کي حراست ۾ ورتي ڇڏيو پڪڑيل منشيات جي ماليت لکين روپيا ٻڌائي پٽي وڃي پڪڑيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دولتپور صفن ۾ پنڌ برادري جي پنجن ڄڻن جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿي سگهي، احتجاج

شهيدن جي وارثن حاجن خان پنڌ روشن خان پنڌ جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن احتجاجي ريلي ڪڍي نتهڻ اس ۾ مظاهرو ڪيو

نواب ولي محمد سانحي ۾ شهيد پنڌ برادري جي وارثن کي انصاف نه ملي سگهيو آهي، اسان انصاف لاءِ منتظر آهيون : وارث

اسان جي بيگناهه پورهيتن جي خون ۾ حاجي علي حسن زرداري محسن زرداري عابد زرداري مک جوابدار آهن، انصاف ڏياريو وڃي

دولتپور صفن (رپورٽر) نواب ولي محمد سانحو ديهه پنهائي ۾ زرداري ڦرهٽان بيدردي سان قتل ڪيل سب انسپيڪٽر عبدالحميد ڪرسو سميت پنڌ برادري جي پنجن ڄڻن ايازپنڌ، معشوق علي پنڌ، صابن پنڌ، ٽوم فقير پنڌ ۽ اڪمل پنڌ جي ڪيس ۾ گهربل هڪ جوابدار محسن زرداري .عابد زرداري ۽ ٻيا 18 مهينا گذري وڃڻ باوجود شهيد بينظير آباد پوليس گرفتار نه ڪري سگهي آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪنڊ ڪوٽ پوليس جي ڪارروائي، ٻه جوابدار گرفتار ڪري ورتا

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور ايس پي امجد احمد شيخ جي هدايتن تي ايس ايڇ او اي سيڪشن خليل احمد لغاري ٻه جوابدار گرفتار ڪري ورتا جن گذريل رات شراب جي نشي ۾ ڊير سان اي سيڪشن ٽائي جي حد پرسان ناڪو ٽرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڇڻا زخمي ٿي ٻيا جنهن ۾ هڪ پوليس اهلڪار ضمير/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دولتپور صفن : پنڌ برادري جي 5 ڄڻن جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو ۾ پيٽروليم مصنوعات جي وڌندڙ قيمتن ۽ وڌندڙ مهانگائي جي طوفان خلاف ريلي

ڪورٽ ڪان مورو پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري نگران حڪومت خلاف زوردار نعريبازي ڪئي وئي

مهانگائي سبب ٻن ويلن جي مائي ڪان ته محروم ٻڌجي ويا آهيون ريترهائي نياڻين کي تعليم ۽ نٿو ڏئي سگهون : مظاهرين

ڪيترائي ماڻهون خودڪشيون ڪري چڪا آهن ۽ نوجوان توڙي معصوم ٻار چوريون ڪري پيٽ گذر ڪرڻ تي مجبور ٿيل آهن

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پيٽروليم مصنوعات جي وڌندڙ قيمتن ۽ وڌندڙ مهانگائي جي طوفان خلاف مورو بار ايسوسيئيشن پاران ڪورٽ ڪان مورو پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري نگران حڪومت خلاف زوردار نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي مورو بار ايسوسيئيشن جا عهديدار ۽ ميمبر سان گڏ وڪيل برادري جا ميمبر پڻ شريڪ ٿيا. مظاهرين هٿ ۾ بينر ۽ پليڪارڊ کنيل هئا جن تي مهانگائي خلاف نعرا لکيل هئا. مظاهرين سان خطاب ڪندي بار جا سابق صدر ۽ سينئر وڪيل ڪامريڊ نثار احمد ڪلهوڙو، سابق صدر ۽ سينئر وڪيل ڪامريڊ ڪرشن ڪمار، سابق صدر ۽ سينئر وڪيل ڪامريڊ ڪاڪو مل

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
اڱارو 05 سيپٽمبر 2023ع

افغانستان طرفان پنهنجي شهرين کي ”تنبيهه“

انعام يٽي

آمريڪا ۽ برطانيا سميت افغانستان جي طالبان سرڪار پنهنجي ملڪ جي رهواسين کي تنبيهه ڪئي آهي ته اهي پاڪستان جي اترين علاقن، خاص طور گلگت بلتستان ڏانهن موجوده حالتن ۾ سفر نه ڪن. آمريڪا ۽ برطانيا جا ته سدائين اهڙي قسم جا احتياطي حڪم پنهنجي ملڪ جي شهرين جي جان جي تحفظ لاءِ جاري ڪيا ويندا آهن، پر هي پهريون پيرو آهي جو افغانستان جهڙي ملڪ جي حڪومت پنهنجي شهرين کي پاڪستان جي اُترين علاقن ڏانهن سفر ڪرڻ کان روڪڻ جي لاءِ حڪم جاري ڪيو آهي. اهو ملڪ جنهن جي ڪري ٿي پاڪستان جي اترين علاقن تورڙي سموري ملڪ جي اندر خودڪش بمبار حملن کان وٺي دهشتگردي جا ڪيترائي واقعا پيش ايندا رهيا آهن. اڄ انهيءَ ملڪ پنهنجي شهرين کي هدايت ڪئي آهي ته اهي پاڪستان جي انهن علاقن ڏانهن سفر نه ڪن. چاڪاڻ جو اتي ڪي ٻ خطرناڪ واقعا ٿي سگهن ٿا. جنهن ۾ ڪنهن جي جان جي وڃڻ جو خطرو موجود آهي.

پاڪستان جي اترين علاقن، خاص طور گلگت_ بلتستان ۾ ڪجھ ڏينهن کان مذهبي فرقيواريت جو جنون جوش هٿي رهيو آهي. هڪ ڏينهن پهرين هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو اسڪردو جي روڊن تي نڪتا، جن نعرا پٽي هنيا ته. "سندن لاءِ جيڪڏهن چيلاس وارو روڊ بند آهي ته پوءِ ڪارگل وارو رستو سندن لاءِ کوليو وڃي". گلگت_ بلتستان ماضي ۾ ڪشمير جي ڊوگرا راج جو حصو رهيو آهي، جنهن جا رستا چين سان ۽ ڪشمير سان ڳنڊيل رهيا آهن. پر پاڪستان جي ڪنٽرول ۾ اڃا وينداسين بعد هن وقت گلگت جا رستا چيلاس جي رستي اسلام آباد سان ڳنڊيل آهن ماضي ۾ اهي علاقا آزاد اترين علاقن طور شمار ڪيا ويندا هئا. پر هن وقت گلگت_ بلتستان جي صوبائي اسيمبلي، صوبائي حڪومت ۽ گورنر جي هجڻ سان انهن جي حيثيت پاڪستان ۾ هڪ اهڙي صوبي واري آهي. جيڪو صوبو نه آهي. پر پاڪستان جي فيڊريشن ۾ ان جو شمار باقي پين چئني صوبن جهڙو ڪونهي. موجود گلگت_ بلتستان جي حدن ۾ هنزا نگر، گذر، اسڪردو، ديامير، گلگت، گانچي ۽ استور جا ضلعا اچي وڃن ٿا.

گلگت_ بلتستان جي ضلعن ۾ مذهبي فرقيواريت جو عنصر ماضي ڪان وٺي شدت وارو رهيو آهي. ڪيترائي پيرا گلگت ۾ مذهبي فرقيواريائا فساد ٿيندا رهيا آهن ۽ ڪرفيو ۽ لڪندا رهيا آهن هن وقت به صورتحال انهن علاقن ۾ ايتري خراب ٿي وئي آهي جو صوبائي سرڪار کي گلگت_ بلتستان ۾ قلم 144 لاڳو ڪري فوج کي گهرائڻ جي پٺ تجويز ڏني وئي آهي. محرم جي ڏهي بعد پيدا ٿيل صورتحال جي وڌيڪ خراب ٿيڻ جا خدشا ڇهلم جي موقعي تي آهن. انهيءَ ڪري اڳواٽ ئي آمريڪا تورڙي برطانيا پنهنجي شهرين کي انهن علاقن ڏانهن سفر ڪرڻ کان منع ڪيو آهي. جيڪو انهن جي طرفان هروقت ڪٽي ٻ صورتحال جي خراب ٿيڻ جي خدشن جي پيش نظر اهڙا احتياطي قدم کنيا ويندا آهن. پر هن پيري افغانستان جي طرفان پٺ پنهنجي شهرين کي انهن علاقن ڏانهن سفر ڪرڻ کان منع ڪيترن ئي سوالن کي جنم ڏنو رهيو آهي. افغانستان جي اندر طالبان جي حڪومت سني سخت گير سوچ رکندڙ آهي، جڏهن ته گلگت_ بلتستان جي اندر جيڪي فساد ٿيندا رهيا اهن يا جن جي ٿيڻ جو خدشو آهي. انهي ۾ پٺ شيعا_ سني فرقيواريت جو عنصر شامل آهي. پاڪستان جي اندر تورڙي افغانستان ۾ شيعا مسجدن ۽ مزارن تي جيڪي دهشتگردي جا واقعا ٿيندا رهيا آهن. انهن جي يا ته ذميواري تحريڪ طالبان پاڪستان پٽي قبول ڪئي آهي يا وري انهيءَ جا پيرا افغانستان ڏانهن ويندي نڪرندا رهيا آهن. تي پي هجي يا افغان طالبان. انهن جي طرفان جهاد جي نالي ۾ اهڙين فرقيواريت وارين ڪارروائين جي تاريخ ڏسي خدشو ڪري سگهجي ٿو ته گلگت_ بلتستان ۾ اهڙين فرقيواريت وارن فسادن ۾ ڪٿي انهن جو هٿ ته نه آهي؟

پاڪستان ماضي ۾ رڳو هندستان جي طرفان ملڪ ۾ دهشتگردي جي ڪارروائين جي ذاهن ڪندو رهيو آهي. جڏهن افغانستان ۾ طالبان جي حڪومت نه رهي هئي ته انهيءَ وقت ۾ اترين علاقن تورڙي پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ جيڪي خودڪش بمبار حملا ٿيندا رهيا. انهن تي پٺ اهو چيو ويندو هو ته انهيءَ ۾ به هندستان جي ملوٽ هجڻ جا امڪان آهن. پر اڄ جڏهن افغانستان ۾ افغان طالبان جي حڪومت آهي ته انهيءَ بعد به پاڪستان جي اندر جيڪڏهن افغانستان جي طرفان اهڙيون ڪارروايون ٿيندي نظر اچن ته پوءِ ته ان تي ڇا چئجي ۽ انهيءَ جو شڪ ڪنهن تي ڪجي؟ پاڪستان جي اندر اهڙي قسر جي وڏندڙ ڪارروائين ۽ صورتحال کي ڏسندي اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ملڪ جي سياسي صورتحال ڪنهن خطرناڪ موڙ ڏانهن وڌي رهي آهي. هڪ طرف ملڪ جي خراب معاشي صورتحال آهي. جنهن ۾ تيل پٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ۽ بجلي جي في يونٽ ۾ واڌ جي نتيجي ۾ عوام "تنگ آيد_ به جنگ آيد" جي حالت ۾ آهي ته ٻئي طرف ملڪ جي اندر مذهبي فرقيواريائا فساد ٿيڻ جا امڪان نظر اچي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ لڳي ٿو ته ايندڙ وقت ۾ ملڪ جي اندر ڪجھ ڏينهن کان جاري هي ڪشمڪش ڪنهن وڏي خانه جنگي يا جدوجهد ڪئي ته پوءِ سڏي ريت "ميري هر وطنو" جي اچڻ جا امڪان وڌندا پيا وڃن، جنهن لاءِ آساني گذريل حڪومت ويندي ويندي ڪري وئي آهي.

گذريل پي ڊي ايم جي اتحادي حڪومت آخري ڏينهن ۾ جيڪي اختيار نگران حڪومت کي ڏنا، اليڪشن ڪميشن کي ڏنا ۽ آرمي سيڪريٽ ايڪٽ ۾ ترميمن وسيلي عسڪري ادارن جي حوالي ڪيا. انهن سموريين واردات مان لڳي ٿو ته ملڪ جي خراب معيشت ۽ امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال ۾ ڪڏهن به ڪو اهڙو سخت قدم کنيو ويندو. جنهن سان ملڪ جي آئين، جمهوري ۽ عوامي راهه ۾ ڏکڻي مدي لاءِ رڪاوٽ پيدا ڪري. پاڪستان جي سياست ۾ اقتدار پرست وفاقي جماعتن هڪ اداري جي مداخلت جي رستا روڪ ڪرڻ جي لاءِ اڄ تائين ڪا منظر ڪوشش نه ڪئي. پر انهن پنهنجي اقتدار جي حاصلات لاءِ ۽ پنهنجي ڪرپشن جي ڪيسن مان نجات لاءِ هميشه ملڪ جي جمهوري نظام، پارليامينٽ ۽ عدليا کي ڪمزور ڪيو. اڄ انهيءَ جي نتيجي ۾ جيڪا صورتحال جڙي آهي، ان ۾ يا ته ايندڙ وقت ۾ جيڪا ٻ جماعت اقتدار لاءِ اڇتي ايندي. انهيءَ جي منظوري پهرين ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ کان وٺي پوندي يا وري انهن جي آشيرواد سان ٿي جوڙيل جماعت کي اقتدار ملي سگهندو.

هن وقت اهڙي صورتحال جي پيدا ٿيڻ يا پيدا ڪرائڻ جي پٺيان اهي ٽي قوتون ملوث ٿي سگهن ٿيون. جن جي خواهش آهي ته پاڪستان جي سياست، معيشت ۽ پيداواري وسيلا سڀ انهن جي ڪنٽرول ۾ هجن. هڪ طرف لکين ايڪڙ زمينن جي گهر ڪري انهن تي ميگا زرعي فارم جوڙڻ جي لاءِ باهرين ملڪن جي سيڙپڪاري جا فارمولا پيا جوڙيا وڃن ته ٻئي طرف صوبائي معدني ملڪيتن کي باهرين ملڪن جي سيڙپڪارن جي لاءِ رستا کولڻ جا وفاقي سرڪار سان معاهدا ملڪ جي اندر جلد شفاف ۽ آزاد چونڊون ڪرائي اقتدار منصفائي طريقي سان منتقل ڪرڻ جي لاءِ ڪا ٻ ڪوشش ڪرڻ پئي ڪئي وڃي.

ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي ته هڪ سخت احتساب ٿئي. ويجهي ماضي ۾ جن ٻ سياستدانن، سويلين تورڙي نان سويلين ڪامورن جيڪا ڪرپشن ڪئي آهي، انهن کي سوڙهو ڪجي ۽ ايندڙ وقت ۾ اهڙين شفاف ۽ آزاد چونڊون ڪرايون وڃن. جنهن ۾ ڪهٽ ۾ ڪهٽ 80 سيڪڙو ووٽ پئجي سگهي. جيستائين هن ملڪ ۾ سخت احتساب نه ٿيندو، شفاف چونڊون نه ٿيندينءن، اهليت ۽ ايمانداري جو مان ڪوند ڪيو ويندو، هي ملڪ سياسي ۽ معاشي طور مستحڪم نه ٿي سگهندو.

خاتمي لاءِ ڪا گهرڪئي يا جدوجهد ڪئي ته پوءِ سڏي ريت "ميري هر وطنو" جي اچڻ جا امڪان وڌندا پيا وڃن، جنهن لاءِ آساني گذريل حڪومت ويندي ويندي ڪري وئي آهي.

گذريل پي ڊي ايم جي اتحادي حڪومت آخري ڏينهن ۾ جيڪي اختيار نگران حڪومت کي ڏنا، اليڪشن ڪميشن کي ڏنا ۽ آرمي سيڪريٽ ايڪٽ ۾ ترميمن وسيلي عسڪري ادارن جي حوالي ڪيا. انهن سموريين واردات مان لڳي ٿو ته ملڪ جي خراب معيشت ۽ امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال ۾ ڪڏهن به ڪو اهڙو سخت قدم کنيو ويندو. جنهن سان ملڪ جي آئين، جمهوري ۽ عوامي راهه ۾ ڏکڻي مدي لاءِ رڪاوٽ پيدا ڪري. پاڪستان جي سياست ۾ اقتدار پرست وفاقي جماعتن هڪ اداري جي مداخلت جي رستا روڪ ڪرڻ جي لاءِ اڄ تائين ڪا منظر ڪوشش نه ڪئي. پر انهن پنهنجي اقتدار جي حاصلات لاءِ ۽ پنهنجي ڪرپشن جي ڪيسن مان نجات لاءِ هميشه ملڪ جي جمهوري نظام، پارليامينٽ ۽ عدليا کي ڪمزور ڪيو. اڄ انهيءَ جي نتيجي ۾ جيڪا صورتحال جڙي آهي، ان ۾ يا ته ايندڙ وقت ۾ جيڪا ٻ جماعت اقتدار لاءِ اڇتي ايندي. انهيءَ جي منظوري پهرين ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ کان وٺي پوندي يا وري انهن جي آشيرواد سان ٿي جوڙيل جماعت کي اقتدار ملي سگهندو.

هن وقت اهڙي صورتحال جي پيدا ٿيڻ يا پيدا ڪرائڻ جي پٺيان اهي ٽي قوتون ملوث ٿي سگهن ٿيون. جن جي خواهش آهي ته پاڪستان جي سياست، معيشت ۽ پيداواري وسيلا سڀ انهن جي ڪنٽرول ۾ هجن. هڪ طرف لکين ايڪڙ زمينن جي گهر ڪري انهن تي ميگا زرعي فارم جوڙڻ جي لاءِ باهرين ملڪن جي سيڙپڪاري جا فارمولا پيا جوڙيا وڃن ته ٻئي طرف صوبائي معدني ملڪيتن کي باهرين ملڪن جي سيڙپڪارن جي لاءِ رستا کولڻ جا وفاقي سرڪار سان معاهدا ملڪ جي اندر جلد شفاف ۽ آزاد چونڊون ڪرائي اقتدار منصفائي طريقي سان منتقل ڪرڻ جي لاءِ ڪا ٻ ڪوشش ڪرڻ پئي ڪئي وڃي.

